امين لغاري

# سنڌي ٻوليءَ جي پنجن اکرن ’جھ‘ ، ’گھ‘ ، ’ھ‘ ، ’ڪ‘ ۽ ’ک‘ جي ڪمپيوٽرائزڊ لکت جو مسئلو


## *Abstract:*

**Composing deficiency of five Sindhi Letters ‘جھ’, ‘گھ’, ‘ڪ’, ‘ھ’ and ‘ک’ in Sindhi script**

*Sindhi language is a unique language in its sound as well as in orthography. Languages which are presently written in ‘Naskh’ form i.e right to left, in these Sindhi has accumulated higher characters in its alphabetic order. It was rearranged by a Government Committee in 1853. These 52 characters make Sindhi a ‘super set’ in other Arabic-Persian script languages. Likewise the phonetic system of Sindhi retain different aspirated stop characters, five are not included in the alphabet. In these aspiration stop two characters ‘جھ’ and ‘گھ’ are special in orthography of Sindhi Language, they are not compound characters and have no linked with Arabic Makhlooti ‘ھ’ because the ‘جھ’ and ‘گھ’ are single unite of phoneme, and ‘ھ’ as a character is not a part of these letters, in these characters ‘ھ’ has no Phonemics Value and can not be divided in orthographic structure. The ‘جھ’ and ‘گھ’ were called great breath sounds, the Arabic ‘ھ’ is not part of these sounds. If one can write Arabic Makhlooti ‘ھ’ with ‘ج’ or ‘گ’ and form a compound letter ‘جھ’ or ‘گھ’ it means one additional character included in Sindhi Alphabet, and then counting quantity will be 53 letters, instead of 52 recognized characters of Sindhi Alphabet.*

*This paper proposed the proper usage of pure Sindhi Characters like ‘جھ’, ‘گھ’, ‘ھ’, ‘ڪ’ and ‘ک’ in the original form, which are recognized characters of Sindhi script in spelling, whether in composing or in writing. The problem of mixing up of Arabic and Sindhi letters in Unicode system is puzzling the phonetic system of Sindhi language and only language experts can solve the problem which Sindhi is facing in composing texts. The responsibility rests on the language experts to protect the historical sanctity of Sindhi Script.*






## مسئلو ڪهڙو آهي؟

سنڌي ٻوليءَ ٻه دنيا جي انهن ٻولين مان هڪ ٻولي آهي، جيڪا پنهنجي ڪروڙين ڳالهائيندڙن جون رابطي سمجهه ۽ واريون اهي سموريون ضرورتون پوريون ڪري رهي آهي، جيڪي ضرورتون هن دور ۾ گهربل آهن. هيءَ ٻولي پنهنجن قديم پاڙن مان اسرندي نسرندي وڌندي ويجهندي اڄ 21 صديءَ ۾ ان معيار ۽ مقام واري قطار ۾ بيٺي آهي، جنهن قطار ۾ ٻيون سڌريل ٻوليون بيٺيون نظر اچن ٿيون. ويجهي ماضيءَ کان سنڌي ٻوليءَ جي لکت، ان جي الفابيٽ جي بيهڪ ۽ اکري تعداد تي ممتاز صوتن ۾ نظر اچن ٿا، شروع کان ئي سنڌي ٻوليءَ جي لکت، ان جي الفابيٽ جي بيهڪ ۽ اکري تعداد تي آڱريون کڄڻ شروع ٿيون هيون ۽ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ کي ناقص، اُن جي الفابيٽ کي غير سائنسي قرار ڏنو پيو وڃي، خاص ڪري هن وقت صورتخطيءَ جي حوالي سان ’جھ‘ ’گھ‘ ۽ ’ھ‘ جي مسئلي تي مختلف رايا ڏنا پيا وڃن. جڏهن نہ سنڌي صورت ۾ مقرر ’جھ‘ ۽ ’گھ‘ مفرد اکرن کي ’ج‘ ۽ عربي مخلوطي ’ھ‘ ۽ ’گ‘ ۽ عربي مخلوطي ’ھ‘ سان ملايل مرڪب اکر سمجهيو ويندو تہ مسئلو پيدا ٿيندو. سنڌي الفابيٽ واري ڪميٽي 1853ع ۾ سنڌي جي 52 اکرن جون صورتون مقرر ڪري ڇڏيون هيون. انهن صورتن مطابق ’جھ‘ ۽ ’گھ‘ پنهنجي مقرر صورت ۾ مفرد ۽ هڪ پدا صوتيا آهن. انهن جو عربي واري مخلوطي ’ھ‘ سان ڪو بہ واسطو نہ آهي، جنهن کي هرو ڀرو وسرگائي ’ھ‘ جو نالو ڏنو پيو وڃي. ’ھ‘ جي اهڙي اضافي صورت کي مڃڻ يعني سنڌي ٻوليءَ جي 52 اکرن واري پٽي ۾ هڪ نئين اکر جو اضافو ڪرڻ ۽ سنڌي الفابيٽ کي 53 اکرن تي ٻڌل الفابيٽ تسليم ڪرڻ هوندو.

هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپوزنگ لاءِ مختلف فونٽ هلندڙ آهن، پر اهي گهڻو ڪري مقامي سطح جي ڪارج تائين محدود آهن، يعني انهن کي مقامي سطح (Manually) تي عمل ۾ آندو وڃي ٿو. انهن فونٽن جو بنياد بہ شروع ۾ عربي اکرن تي رکيل هو، جنهن ڪري سنڌي ’جھ‘ ’گھ‘ ، ’ھ‘، ’ڪ‘ ۽ ’ک‘ جو فرق ختم ٿي وڃڻ وارا لکتي مسئلا سامهون ايندا رهيا، انهن ۾ ڪن خاص فونٽن کي ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي وئي، پر عوامي سطح تي اهڙو استعمال اڃان بہ هڪ مسئلو بڻيل آهي. هاڻي جڏهن خودڪار سرشتي ۾ ’جھ‘، ’گھ‘ ۽ ’ھ‘ ’ڪ‘ ۽ ’ک‘ جو مسئلو حل نہ ٿو ٿئي تہ ٻيو حل

ڪن صاحبن اهو ڪڍيو آهي تہ پراڻن ڪمپازيٽرن وانگر هڪ هڪ لفظ ڪي جن ۾ انهن اکرن جو استعمال ٿيو هجي، هٿ سان اُهو گهربل هڪ هڪ اکر ڪٽي درست ڪيو وڃي. يعني ٽيڪنالاجيءَ ۾ اڳتي وڌڻ بجاءِ هڪ وک وري پوئتي هٽڻ ٿيو. اهو ڪم ڪن ادارن يا فردن جي حد تائين تہ وقت سيڙائي ڪري سگهجي ٿو، پر ميڊيا جي ادارن ۽ خانگي پبلشرن ۽ انفرادي طور عوامي سطح تي ائين ممڪن نہ آهي ۽ نہ وري نيٽ جي استعمال ۾ اهو في الحال ممڪن نظر اچي ٿو، جو سنڌي الفابيٽ جو اهي مقرر اکري شڪليون خودڪار سرشتي ۾ اچي سگهن. هي مسئلو لئنگئيج انجنيئرنگ جو آهي. جنهن تي ڪم نہ ٿي سگهيو آهي، جيڪڏهن يوني ڪوڊ پليٽ ۾ اهي مسئلا حل ٿيل هجن ها تہ ڪنهن کي اهو چوڻ جي ضرورت نہ پوي ها، پر اهو مسئلو ڏسڻ ۾ جيترو ننڍو ٿو اچي، ايترو ئي اهو اهم ۽ وڏو مسئلو آهي. لئنگئيج انجنيئرنگ تي ڪم ڪندڙ ئي هن مسئلي کي حل ڪري سگهن ٿا، ٻي صورت ۾ سواءِ وقت ضايع ڪرڻ جي ٻيو ڪجھ هڙ حاصل نہ ٿيندو.

**هلندڙ بحث جو دائرو:**

ڪن فردن طرفان هتي ذڪر ڪيل جيڪو هڪ غير علمي بحث شروع ڪيو ويو آهي، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ان جو ڪو بہ دليل ۽ مثال نٿو ملي. اهو بحث سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ ۾ موجود وينجن وسرگن مان ٻن ’گھ‘ ۽ ’جھ‘ جي لکت ۾ صورت جي حوالي سان آهي، جنهن لاءِ اهو چيو پيو وڃي تہ عربيءَ جي ’ھ‘ مخلوطي جي استعمال سان انهن وسرگن کي لکيو وڃي. جڏهن تہ سنڌيءَ جي ’جھ‘ ۽ ’گھ‘ جي پنهنجي هڪ مقرر صورت آهي، جيڪا ۱۸۵۳ع ۾ الف بي واري ڪميٽي مقرر ڪئي هئي. ان جو عربي مخلوطي ’ھ‘ سان ڪو بہ واسطو نہ آهي. صوتيات (Phonology) ۽ صورتخطي (Orthography) جي علم تي تحقيق ۽ بحث ڪندڙ ڪنهن دليل جي بنياد تي ڪو نتيجو ڪڍن تہ ان کي قبول بہ ڪري سگهجي ٿو، پر ٻوليءَ تي اهو مسئلو ڪهڙن عالمن اٿاريو آهي؟ جهڙي حساس معاملن تي اهڙا دليل قابل قبول نہ آهن. نہ ئي ٻوليءَ جهڙي نازڪ مسئلن تي ڪن فردن جي راءِ کي اجائي اهميت ڏئي، سنڌ جا معتبر ادارا ٻوليءَ جي لکت سان ڪا هٿ چراند ڪن. ٻولين ۽ انهن جي الفابيٽ ۽ لکتون صدين





جي ارتقائي مرحلن مان گذري نروار ٿين ٿيون، اهي فطري طرح وڌڻ ويجهڻ گهرجن. اڪثر مانوارن کي اها بہ خبر نہ هوندي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرگ جا معاملا صورتخطيءَ سان ڪيترو تعلق رکن ٿا ۽ صوتيات ۾ انهن جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ انهن مانوارن جي دليلن پٺيان سواءِ عربي خط جي مثالن جي ٻيو ڪو بہ وزن ڪونهي. توڙي جو سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام تي باريڪ بينيءَ سان تمام ٿورو ڪم ٿيو آهي، پر پوءِ بہ جيڪو علم اسان جي صوتياتي ماهرن ورثي ۾ ڇڏيو آهي ۽ گڏوگڏ دنيا ۾ علم صوتيات تي هلندڙ ڪم کي آڏو رکجي ۽ انهي سڄي پس منظر کي سمجهي ڪي وکون وڌائجن ان راھ ۾ هٿوراڙيون هڻڻ کان بچي سگهجي ٿو. اهڙن بحثن لاءِ ضروري آهي تہ صوتيات (Phonology) جي علم جي ڄاڻ هجي، صورتخطيءَ جي علم ’Orthography‘ جي پرک هجي ۽ ٻولين جي تاريخي قدامت ۽ روايتن جي خبر هجي. علم صوتيات لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب ’سنڌي صوتيات‘ جي پهرئين مقدمي ۾ لکيو هو تہ: ”حقيقت ۾ ابتدائي تعليم جي هر استاد کان وٺي، هر اديب، شاعر ۽ هر عالم کي هن علم جي ڄاڻ هئڻ تمام ضروري آهي؛ ڇاڪاڻ تہ اسان جي ٻوليءَ جو علمي ۽ وگيانڪ مطالعو تہ اڃا شروع ئي نہ ٿيو آهي، هر ڪو سنڌي، پنهنجي تقرير ۾ اُها ئي دعويٰ ڪندو آهي تہ هو وڏو زباندان آهي ۽ هو ئي لسانيات جي علم ۾ ودوان آهي، پر منهنجي نظر ۾ ان صاحب جي اُها دعويٰ فقط هڪ خوش فهمي آهي.“(۱) هن ڳالھ جو اظهار ڊاڪٽر الانا صاحب ۱۹٦۷ع ۾ ڪيو هو، ساڳي ڪتاب جي ٽئين ڇاپي جي مهاڳ ۾ يعني تقريباً ۴۹ سالن کان پوءِ ڊاڪٽر الانا صاحب جي راءِ هن طرح لکيل آهي: ”موجوده عرصي ۾، سنڌ ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾، جديد علم اللسان واري مضمون (Subject) تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪي ڳاڻ ڳڻيا محقق مس وڃي بچيا آهن.“(۲) الانا صاحب جي ان راءِ کي موجوده صورتحال سان ڀيٽي ڏسجي تہ هاڻ سنڌي ٻوليءَ پنهنجي ماهرن جي حوالي سان ڪٿي بيٺي آهي؟ سنڌو لکت (Indus Script) تي بہ جيترو ڪم ڌارين ڪيو آهي، ان جي چوٿين پتي بہ سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪن جي ڪاتي ۾ نٿي اچي. ڇا پوءِ هن ماحول ۾ بي علمي جي ڪري اهڙي مسئلي تي مٿاڪٽ ڪجي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو مسئلو ئي ڪونهي؟ اِها ڪهڙي عقلمندي چئبي؟

سنڌي جي ’جھ‘ ۽ ’گھ‘ جي حوالي سان محترم شبير ڪنڀار جو هڪ مقالو ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جرنل (جلد يارهون- شمارو پهريون، جون ٢٠١٨ع) ۾ ڇپيل آهي. محترم شبير ڪنڀار وارو مقالو بنهه غير سائنسي آهي، ان سڄي مقالي جا مک حوالا سنڌيءَ جا پراڻا درسي ڪتاب آهن، جن کي بنياد بڻائي سنڌيءَ جي ٻن وسرگن ’جھ‘ ۽ ’گھ‘ جي صورتخطيءَ بابت بحث ڪيو ويو آهي. هي صاحب پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو ته: ”پراڻا ڪتاب شاهد آهن ته اوائل ۾ عام توڙي وسرڳي لکت تي جوڳو ڌيان ڏريو ويندو هو، پر پوءِ هوريان هوريان لکت ۾ عيب ويا وڌندا.“(٣) محترم شبير ڪنڀار پنهنجي انهيءَ مقالي ۾ وسرگ اکرن جي هڪ ڪوڙي (Table) به ڏني آهي، جنهن ۾ هن ٽي وسرگ اهڙا ڄاڻايا آهن، جيڪي ڪنهن به لسانياتي ماهر تسليم نه ڪيا آهن ۽ نه وري انهن جو ڪو سائنسي دليل به موجود آهي، نه ته اهي ڪنهن لئنگئيج لئبارٽريءَ ۾ تازي تجربي جي نتيجي ۾ سامهون آيا آهن. ان ٽيبل جي پهرين نمبر تي وسرگ ’ڳھ‘ ڄاڻايو ويو آهي ۽ ان جي لفظي واهپي جي مثال ۾ ’ماڳهين‘ لفظ ڏنو ويو آهي. لفظ ’ماڳهين‘ ماڳ لفظ جو ظرف آهي ۽ جيڪو ’ماڳ‘ لفظ سان ’هين‘ پڇاڙي ڳنڍڻ سان جڙيو آهي، انهيءَ کي ’ڳھ‘ وسرگ ڪيئن چئبو ؟ ۽ ٻه ٻيا يعني ’ڏھ‘ ۽ ’وھ‘ کي به وسرگ ڪري ڄاڻايو اٿس.

وسرگ ۽ اوسرگ جي اصول موجب انهن جا جوڙا جوڙا هوندا آهن، هڪ هلڪو ٻيو ڳرو جيڪي پاڻ ۾ ملي جوڙو ٺاهيندا آهن، يعني جي اوسرگ ’پ‘ آهي ته هن جو وسرگ جوڙو ’ڦ‘ ٿيو، ائين ’ج‘ جو ’جھ‘، ’ن‘ جو ’نھ‘، ’م‘ جو ’مھ‘، ’ڙ‘ جو ’ڙھ‘ ائين ٻيا جوڙا ٿيندا آهن. پر شبير ڪنڀار صاحب پنهنجي وسرگ واري ڪوڙي (Table) ۾ انهن ٽنهي ’ڳھ‘، ’ڏھ‘ ۽ ’وھ‘ وسرگ مان ڪنهن هڪ جو به ڪو جوڙو نه ڏنو آهي نه ئي ڪو ٻيو متبادل صوتياتي دليل.

جارج اسٽئڪ پنهنجي سنڌي گرامر واري ڪتاب ‘A GRAMMAR OF THE SINDHI LANGUAGE’ جي باب پهرئين، ’اکر (Character)‘ جي شروعات ۾ پنهنجي ترتيب ڏنل ديوناگري ورڻمالا بابت لکندي، جيڪي وسرگ ڄاڻايل آهن، انهن ۾ ’س‘ جي جوڙي طور ٻه سنسڪرتي ’ش‘-’ش‘ آندا اٿس، جن کي هن ديوناگري سنڌي ۾ الڳ الڳ اکر (Character) ڪري داخل ڪيو آهي، يعني اسٽئڪ واري ديوناگريءَ ۾ ٻه ش-ش آندل آهن. هو لکي ٿو ته:





“They have generally but on character for each of the simple and aspirated couples of the devenagari گ and گھ ,ج and جھ ٺ، ٿ and د، ڌ and ڏ and also for ش-ش and س although the sounds are distinct.”(4) ب، ٻ and پ

(انهن لاءِ گهٽو ڪري هڪ اکر جي اوسرگ ۽ وسرگ جوڙي کي الڳ ديوناگري صورت ڏني وئي آهي، گ ۽ گھ، ج ۽ جھ، ٿ ۽ ٺ، د ۽ ڏ، ب ۽ ٻ ۽ پڻ ش-ش ۽ س، حقيقت ۾ اهي (سنڌيءَ جا) يگانا آواز آهن)

بعد جي ماهرن چواڻي سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي سرشتي (Phonemic System) ۾ ’س‘ يا ’ش‘ وسرگ شمار نٿو ٿئي. چوڻ جو مطلب ته وسرگ لاءِ اوسرگ جوڙو ضروري آهي، جي وينجن ۾ اهڙو جوڙو ته معنيٰ نه آهي ته معنيٰ ان کي وسرگ شمار نه ڪبو ۽ فونيٽڪس جي حساب سان هوا جو زور ’پيٽ ڇُھ‘ (diaphragm) جي وسيلي ڏنل زور تي مدار رکي ٿو، جڏهن هوا جي داٻ ۾ زور گهٽو هوندو آهي ۽ هوا جي لنگهه ۾ رڪاوٽ (occlusion) جي هٽڻ جا ڇٽڻ سان هوا جي ڦوڪ (puff of breath) هڪدم آواز جي پويان ۽ ان سان گڏوگڏ ٻاهر ڌوڪيندي ايندي آهي، هوا جي انهيءَ ’ڦوڪ‘ کي وسرگائي (aspiration) چئبو آهي.“(٥) اِها ڳالهه علمي طرح سمجهڻ جي آهي، جيڪڏهن معاملا ائين ڇڏي ڏبا ته ٻوليءَ جو وڏو نقصان ٿيندو. محترم شبير ڪنڀار جي انهيءَ مقالي سان به نوجوان محققن لاءِ مسئلا پيدا ٿيندا.

هن کان اڳ ساڳي تحقيقي جنرل ’سنڌي ٻولي‘ ۾ ڊاڪٽر الطاف حسين جوکئي جو ’ھ‘ جي صورتن تي هڪ مقالو اپريل-جون ٢٠١٢ع جي شماري ۾ ڇپيل آهي. جنهن ۾ پڻ هن صاحب مختلف اکرن جي پنجن صورتن تي تفصيلي بحث ڪيو آهي. جنهن جو تت اهو آهي ته سنڌي ٻولي عربي اصولن ۽ اکري صورتن جي آڌار لکي وڃي. انهي مقالي جي ڇيد لاءِ هڪ الڳ مقالو درڪار هوندو.

ڊاڪٽر الطاف جوکئي پنهنجي هڪ ٻئي مقالي ’سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرڳن جي حقيقت‘ ۾ به سنڌيءَ جي ٻن وسرگن کي عربي اکرن ڏانهن ڪٽي ويو آهي، نج سنڌي اکرن جي بنياد تي لفظي صورتون ڏيڻ بجاءِ عربي صورتن کي ترجيح ڏيندي، انهن کي سنڌي صورتون ٿو چوي. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته ڊاڪٽر الطاف جوکيو ’سنڌي صورتخطي‘ ’Sindhi Orthography‘ جو ڄاڻو آهي، بقول هن جي، هن پنهنجي پراڻن

استادن خاص ڪري استاد مريد حسين خاصخيلي کان اهو سکيو تہ 'گهہ' ۽ 'جهہ' کيئن لکجي ۽ ان لاءِ هو پنهنجي والد محترم جو حوالو بہ ڏئي ٿو، جيڪو سندس چواڻي تہ عربي فارسي صرف ۽ نحو جو وڏو ڄاڻو هو. ڊاڪٽر الطاف هن ڏس ۾ لکي ٿو تہ: "ان ڳالھ جو پراڻا استاد وڏ ۾ وڏ خيال رکندا هئا. اسان جو مانائتو استاد مريد حسين خاصخيلي مرحوم (جيڪو منهنجي والد مرحوم ۽ منهنجو پڻ پرائمريءَ جو استاد هو) پڻ انهن ڳالهين تي باقاعدي ڪڙي نظر رکندو هو ۽ اسان جي ڪاپين توڙي سليٽن جي چڪاس دوران اهڙين چڪن تي پڻ گول دائرو هڻي نشاندهي ڪندو هو."(٦)

اسان جا پراڻا استاد پنهنجي مضمون سنڌيءَ جا قابل استاد هئا، اهي فائنل پاس استاد اڄ جي ماسٽر ڊگري وارن کان بہ ڪن ڳالهين ۾ اڳيان هئا، پر ان حقيقت کي بہ تسليم ڪرڻ گهرجي تہ اهي استاد ٻوليءَ جي جديد علمن کان اڻ واقف هئا. انهن آڏو تقابلي جائزي لاءِ رڳو عربي صرف ۽ نحو ۽ فارسي ٻولي هوندي هئي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ان بنياد تي پرکيندا هئا. انهن تائين نہ جديد صوتيات جو علم پهتو، نہ اکرن جا مخرجي سرشتا پهتا ۽ نہ اهي علم لغت (Lexicography) جا ڄاڻو هئا ۽ نہ وري لسانيات جو جديد علم انهن جو پڙهيل هو، پوءِ انهن کي هنن نازڪ معاملن ۾ سند طور (Authority) ڪيئن تسليم ڪبو؟

ڊاڪٽر جوڪيو پنهنجي مقالي ۾ آوازي تبديلي جي بنياد تي هڪ صوتيہ جي صورتخطي تبديل ڪرڻ جي ڳالھ ڪري ٿو، يعني بقول هن صاحب جي 'گهہ' کي جيڪڏهن 'گھ' واري صورت ۾ يعني عربيءَ جي 'ھ' مخلوطي واري آخري صورت سان ملائي لکبو تہ ان صوتيہ جو آوازي ملھ بہ اچار جي صورت ۾ بدلبو ۽ ساڳئي طرح 'جهہ' کي عربيءَ جي مخلوطي 'ھ' سان چنبو ڪري جهرڪي ڪري لکبو تہ اهو صحيح هوندو. هو 'ھ' جون عربي صورتون سنڌي اکري پدن سان ڳنڍي صوتيا ٺاهڻ جي ڳالھ ڪري ٿو. جنهن لاءِ ڊاڪٽر جوڪئي جو خيال آهي تہ عربيءَ جي مخلوطي 'ھ' لڳائڻ سان 'جھ' هڪ پدي تي پوندي ۽ ان جو اچار خود بہ خود تبديل ٿي ويندو. جڏهن تہ هو عملي طور سنڌي الفابيٽ ۾ هڪ وڌيڪ 'ھ' کي شامل ڪري ٿو، جڏهن تہ ١٨٥٣ واري تاريخي الفابيٽ ۾ اهڙي ڪنهن بہ ٻي 'ھ' جو ذڪر ڪونهي.

وسرگ مفرد صوتيا آهن يا مرڪب صوتيا؟ انهن صوتين بابت بہ بحث ٿيل





آهن، اهو حوالو بہ ڊاڪٽر الطاف جوڪئي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي حوالي سان پنهنجي مقالي ۾ شامل ڪيو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر جيٽلي بہ ڪن وسرگ صوتين کي مرڪب ڄاڻايو آهي تہ: "مهہ، نهہ، ڙهہ، لهہ، نهہ مان هر هڪ مفرد صوتيو نہ بلڪ مرڪب صوتيو يعني ٻن صوتين جو ميل آهن."(٧) پر ڊاڪٽر مرليڌر مرڪب صوتئي جي لکت واري صورت ۾ بہ آوازي ملھ جي تبديليءَ جي ڳالھ نٿو ڪري. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، جي سہ ماهي 'مهراڻ' ۾ ڇپيل هڪ مقالي 'ديوان گل ۽ خليفو گل محمد هالائي' جو ڊاڪٽر الطاف حوالو ڏنو آهي، ان مقالي ۾ ١٩٢٥ واري لنڊن ۾ ٿيل صوتياتي ماهرن جي بين الاقوامي ڪانفرنس جي حوالي سان لکيو ويو آهي تہ: "ان ڪان پوءِ (ڪانفرنس کان پوءِ) ڪيترن ئي عالمن ان جي (ڪانفرنس جي) نقط نظر ڪان ٿ، ٽ، ڪ، گهہ، جهہ، ڦ، ٿ، ڏ، ڊ (ڇ)، مهہ، نهہ، لهہ، ڙهہ، ڙھ کي مفرد وسرڳ ويڃن ڪري ڄاڻايا آهن ۽ ٽ، ٻ، ڪ، گ، ڄ، ڀ، ٿ، ڊ، ڍ، (ڇ) مر، ن، ل، ڻ ۽ ڙ انهن جا اوسرڳ آهن."(٨) پر سنڌي صوتيات جو ماهر ڊاڪٽر غلام علي الانا انهي ڳالھ کي رد ڪندي واضح لکي ٿو تہ: "سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام جي مطالعي ۾، وسرگ آوازن جي مطالعي لاءِ اهڙا نظريا ڪا بہ اهميت نٿا رکن."(٩) پنهنجي انهيءَ ڳالھ جي تائيد ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب، پنهنجي ڪتاب 'سنڌي صوتيات' ۾ لسانيات جي هڪ ٻئي وڏي ماهر پروفيسر سُنتي ڪمار چٽرجي، جي حوالو سان لکي ٿو تہ: "ڇئي سگهجي ٿو تہ جهہ ۽ گهہ يا ڀ، ڦ، ڌ، ٿ، ڍ، ڇ ۽ ک مرڪب آوازن جون لکت ۾ صورتون نہ آهن، پر اهي بہ مفرد اکر آهن، انهن ۾ 'ھ' حرف ڪنهن ڌار آواز جي نمائندگي نٿو ڪري، جو ڪٽي ڇئجي تہ 'ج+ھ' گڏيل يا مرڪب اکر آهي."(١٠) يعني 'گهہ' ۽ 'جهہ' ۾ 'ھ' جي صوتيہ طور ڌار ڪا بہ سڃاڻپ نہ آهي. ڊاڪٽر الانا صاحب فرمائي ٿو تہ دراصل 'جهہ' حرف ۾، 'ھ' نشاني، وسرگائي جي موجودگيءَ جو اهڃاڻ ڏئي ٿي، اهو ضروري نہ آهي تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي سمورن آوازن جي لکت ۾ ڪا صورت بہ لازمي هجي يا لاڳاپيل الفابيٽ ۾ اهڙي نمائندگي بہ اکرن جي صورت ۾ موجود هجي. هن سلسلي ۾ صوتيات جي مشهور اسڪالر بلوم فيلڊ جو حوالو ڊاڪٽر الانا صاحب پنهنجي ڪتاب 'سنڌي صوتيات' ۾ آندو آهي، جنهن ۾ بلوم فيلڊ چوي ٿو تہ: "دراصل ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لکت واري صورت ان ٻوليءَ جي گفتگو واري ٻوليءَ جي نمائندگي نٿي ڪري سگهي."(١١) انگريزيءَ جي الفابيٽ ۾ بہ اهڙا مسئلا موجود آهن. انگريزيءَ ۾ ڪوڙ اهڙا لفظ آهن،

جيڪي جيئن اکرن (Characters) ۾ لکجن ٿا ائين اچارجن نٿا ۽ جيئن اچارجن ٿا تہ وري ائين انهن جي 'هجي' نہ آهي. وچين دور جي انگريزي الفابيٽ ۾ ٢٧ اکر هئا، ١٧ صدي ۾ اهو ٢٧هون اکر '&' انگريزي الفابيٽ مان نڪري ويو،[١٢] پر اڄ بہ اهو اکر لکت ۾ موجود آهي ۽ ڪي بورڊ تي هڪ اکر (Character) طور ڏنل آهي، ان کي 'اکر' بجاءِ لفظ چوڻ بهتر ٿيندو، بلڪل ائين جيئن سنڌي ۾ 'ائين' لاءِ 'ءِ' ۽ 'مين' لاءِ '۾' استعمال ٿئي ٿو، شايد ان ڪري ئي الفابيٽ مان هٽايو ويو هجي؟ پر انگريزيءَ جي الفابيٽ کان هٽيل اهو اکر اڄ بہ استعمال ٿئي ٿو، اها انگريزي ٻوليءَ جي روايت ۽ ورثي جي سگهہ آهي.

موجوده انگريزي الفابيٽ ۾ ڪل ٢٦ اکر (Characters) آهن، اها ترتيب گهٽ ۾ گهٽ ٽي سو سال پراڻي آهي، پر هن لاءِ هنن ڪي بہ غير منطقي دليل نہ ڏنا. پنهنجي الفابيٽ کي نئين ترتيب ۽ نوان اکر ڏيڻ جو نہ چيو، پر پنهنجي روايتن کي برقرار رکندي ۽ ان الفابيٽ کي پنهنجي ٻوليءَ جو ورثو تسليم ڪندي، ان کي جيئن جو تيئن برقرار رکيو. اچارن جي کوٽ واري مسئلي جو حل انهن IPA جي صورت ۾ ڪڍيو. ١٨٨٦ع ۾ (IPA) انٽرنيشنل فونيٽڪ ائسوسيئيشن ٺاهي وئي، جنهن سان متبادل طور انگريزي سميت ٻين ٻولين جون فونيٽڪ الفابيٽ تيار ٿيون ۽ آوازي اکر (Phonemic based characters) تيار ڪيا ويا. جنهن جو بنيادي ڪم دنيا جي ٻولين جي اچارن کي سائنسي بنيادن تي طئي ڪري، فونيٽڪ الفابيٽ ٺاهڻ هو. انگريزي جي ٤٤ آوازن لاءِ ٤٤ اکرن (Characters) واري IPA انٽرنيشنل فونيٽڪ الفابيٽ ٺاهي وئي، جيڪا انگريزيءَ جي انهن اچارن کي مختلف اکر (Characters) ڏئي ٿي، جيڪي روايتي انگريزي الفابيٽ جو حصو نہ آهن. اها فونيٽڪ الفابيٽ رومن خط ۾ ئي آهي ۽ سنڌيءَ لاءِ بہ رومن خط ۾ انهن ڪم ڪيو آهي ۽ سنڌي آوازن لاءِ 'فونيٽڪ الفابيٽ' جا اکر (Characters) بہ ٺاهيا ويا آهن. هاڻ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي ۽ صورتخطيءَ جي ماهرن کي ڏسڻو آهي تہ اهي ڪيترا ڪارگر آهن ۽ انهن تي وڌيڪ ڪيترو ڪم ڪري سگهجي ٿو؟

سنڌي ٻوليءَ جا ڪل ٤٢ اُچار آهن، جيڪي فونيٽڪ الفابيٽ ۾ اچڻ گهرجن، انهن تي وڌيڪ ڪم فونيٽڪس جا ماهر ڪري سگهن ٿا. باقي نہ تہ رومن يا ديوناگري خط جي بنياد تي ۽ نہ وري عربي ۽ فارسي کان متاثر ٿي، سنڌيءَ ٻوليءَ جي صورتخطي





کي يا ان جي الفابيٽ جي اکرن کي ناقص چئي سگهجي ٿو. عربي جي اصول ۾ تہ 'ا' الف بہ ٻہ آهن ۽ 'هہ' جون بہ برابر مختلف صورتون آهن، انهن جا پنهنجا پنهنجا استعمال آهن، پر اُهي عربي ٻوليءَ لاءِ آهن، ان ٻوليءَ جي ضرورت ۽ سونهن آهن، سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام جو انهن سان ڪو بہ واسطو ڪونهي. انهيءَ ۾ بہ ڪو شڪ ڪونهي تہ عربي ٻوليءَ مان سنڌي ٻولي گهڻو مستفيد ٿي آهي، صرف ۽ نحو جي حساب سان بہ هنن ٻنهي ٻولين جي پاڙ ۾ ويجهڙائپ آهي، پر پوءِ بہ اهي ٻئي ڌار، ڌار ٻوليون آهن، هنن جي آئيويٽا الڳ آهي، انهن جو مخرجي سرشتو بہ الڳ الڳ آهي، هن ڏس ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي پنهنجي ڪتاب جي باب ستين، "تاريخي ۽ ڀيٽاپيٽي لسانيات" (Historical and Comparative Linguistic) ۾ ٻولين جي لساني تبديلين تي بحث ڪيو آهي، جنهن ۾ هن ٻولين جي اکرن، لفظن، نحوي ۽ صرفي تبديلين جا تقابلي اهڃاڻ بہ ڏنا آهن، ان ۾ بہ هو لکي ٿو تہ: "باقاعدي مطابقت جا نمونا ٻولين جي مختلف خاندانن ۾ الڳ الڳ آهن، جن کي هر هڪ ٻوليءَ سان لاڳو ڪري نٿو سگهجي."[١٣] عربي ۽ فارسيءَ جي صرف ۽ نحو کان متاثر ٿي سنڌي آئيويٽا ۾ آيل صرف هڪڙي شڪل واري دوچشمي 'ه' کي بہ عربيءَ جي 'هہ' وانگر مختلف صورتن ۾ ورهائڻ سنڌي ٻوليءَ سان زيادتي آهي، اهڙن فردن جا دليل بنهہ ڪمزور ۽ غير سائنسي آهن. سنڌي الفابيٽ واري 'ه' جون پنجئي صورتون صرف مشيني لکت يا ڪتابت ۾ بدلجن ٿيون اُهو بہ انهيءَ ڪري جو لفظن جي جوڙجڪ اهڙي قسم جي درڪار هوندي آهي، پر اهي صورتون 'صوتيہ' کي ڪڏهن بہ نہ بدلائينديون. ان جو آواز ملهہ (Phonemics Value) بہ نہ بدلبو. ڪمپيوٽر جي فونٽ ٺاهڻ لاءِ تہ اهي شڪليون گهربل آهن، پرسنڌيءَ ۾ انهي 'ه' جي ڪا ٻي سالم صورت ٿي نٿي سگهي نہ وري ڪنهن ٻي ٻوليءَ مان آيل 'هہ' جي ٻي صورت جي بنياد تي سنڌي ٻوليءَ واري 'ه' کي بدلائبو. انگريزيءَ جي 'A' ۽ 'a' ۾ صورت ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ فرق نہ آهي؟ يا زي يا زيڊ 'Z' ۽ 'Ʒ' وچ ۾ صورت جي تبديلي تہ ضرور آهي، پر ان جو صوتياتي استعمال هرگز نہ بدلبو. هاڻ جڏهن عربي ۾ 'فاطمهہ' لکبو ۽ ان کي رومن ۾ اُلٿو ڪبو تہ 'Fatimah' ڪري لکبو، پر سنڌيءَ ۾ 'فاطما' ڪري لکبو ۽ جڏهن ان کي رومن ۾ لکبو تہ 'h' نہ پر 'a' ڏبو يعني 'Fatima' ڪري لکبو، ائين عربي فارسي ۾ 'فهميده' 'Fahmidh' سنڌيءَ ۾ 'فهميدا' رومن ۾ 'Fahmida' ٿيندو. بلڪ ڀهراڙي واري ٺيٺ لهجي ۾ تہ عورتن جي نالن پٺيان

’ن‘ پچاڙي ضرور ايندي آهي، انهيءَ اصول مطابق ٿيندو ’فاطمان‘ ’فهميدان‘ وغيره. يعني ڪا بہ ٻولي جڏهن ڪي اکر (Characters) ڪنهن ٻي ٻوليءَ کان اُڌارا وٺي ٿي يا ٿوري تبديلي سان انهن اکرن کي اختيار ڪري ٿي تہ ان سان ان ٻوليءَ جي بنيادي صورتخطي يا صوتياتي نظام ۾ ڪا بہ تبديلي نہ ايندي.

هن وقت IPA واري سنڌي فونيٽڪ الفابيٽ ۾ ’گھ‘ ۽ ’جھ‘ جون الڳ الڳ اُچاري صورتون مقرر ڪيون ويون آهن، IPA وارن سنڌي فونٽڪس الفابيٽ لاءِ هندستان جي سنڌي اسڪالر ۽ سنڌي فونيٽڪس جي وڏي ڄاڻو پروفيسر پارو نهالاڻي جي مدد ورتي، جيڪو هن وقت سنگاپور جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائي ٿو، پروفيسر پارو جي آوازن (Sounds)جي بنياد تي سنڌيءَ جون رومن فونيٽڪس شڪليون اختيار ڪيون ويون آهن. پروفيسر پارو نهالاڻي اصل گمبٽ جو آهي، هن جو اچار بہ گمبٽ وارو ئي آهي، جيڪو وچولي جي اچار ۾ شمار ٿئي ٿو، هن سلسلي ۾ محمد آصف خواجا ۽ ڊاڪٽر نجمي.جي.حيدر، زيبسٽ جي ’جرنل آف انڊيپيڊنٽ اسٽڊيز ائنڊ ريسرچ‘ ۾ شايع ٿيل پنهنجي تحقيقي مقالي:

“Acoustic Analysis of Phonetics of Arabic Script Sindhi Language to evaluate-Consonant Segmentation”

۾ لکن ٿا تہ:

“Although the phonetics defined by IPA is covering all the aspects of phonetics of Sindhi Language but based on certain observations, author is suggesting some enhancement to it for two sounds of Sindhi Language that IPA has not covered, perhaps because the speech samples that IPA recorded of a Sindhi speaker, Paroo Nihalani, who grew up in Sindh but moved to India in 1947”(14)

(”عربي سنڌي وينجن حصي جي آوازي درجابنديءَ جو ڊجيٽل اڪري ڇيد“ توڙي جو (IPA) انٽرنيشنل فونيٽڪس ائسوسيئيشن (عربي سنڌي اکرن جي) آوازي درجابندي واضع ڪئي آهي، اُها سنڌي ٻوليءَ جي سيني صوتياتي پهلوئن جو احاطو ڪري ٿي، پر مشاهدن جي بنياد تي، مقالي نگارن جي تجويز آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ٻن آوازن (ٽ ’t‘ ۽ ڊ ’d‘) ۾ اڃا بہ آوازي سڌار اچڻ گهرجي، جنهن جو احاطو IPA نہ ڪري سگهي آهي، ڇاڪاڻ جو ممڪن آهي تہ آواز جو نمونو، جيڪو IPA رڪارڊ ڪيو آهي، سو ان سنڌي ڳالهائيندڙ، پارو نهالاڻيءَ جو آهي، جيڪو وڏيو ويجهو تہ سنڌ ۾، پر ١٩٤٧ع ۾ انڊيا لڏي ويو.“)





محمد آصف خواجي ۽ ڊاڪٽر نجمي. جي.حيدر وارن جو هي عربي سنڌي اکرن جو آوازي ڇيد ڊجيٽل بنيادن تي ورتل آهي، ان حساب سان IPA جي مقرر ٻنهي آوازن جي ڪمپيوٽرازيشن ۾ جهول سامهون آيو آهي. حقيقت ۾ اهڙا آوازي ڦيرا مختلف ڀاڱن جي لهجن، پاڙن ۽ ذاتين، مردن ۽ عورتن، وڏن ۽ ٻارن جي آوازن ۾ موجود آهن، هن وقت لکتي دور هلي رهيو آهي، قلم ۽ ڪي بورڊ سان ٻولي لکي وڃي ٿي، پر اِهو مقامي سطح (Manually) جي سهوليت آهي، هن وقت سنڌي آن لائين مواد ۾ ’جھ‘ ۽ ’گھ‘ جي پنهنجي مقرر صورت جو اچڻ ۽ سنڌي ’ھ‘ جو مختلف لفظن ۾ پنهنجي جاءِ تي ظاهر ٿيڻ هڪ مسئلو آهي ۽ گڏوگڏ ’ڪ‘ بہ عربي ’ک‘ طور ظاهر ٿئي ٿو، جنهن سان سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’ڪ‘ (ڪاف) ۽ ’ک‘ (کي)جو فرق ئي ختم ٿي ويو آهي. جڏهن هڪ مڪمل OCR ڏانهن وڃبو ۽ لکتي دور مان ٽپي ’آوازي دور‘ ۾ اچبو تہ پوءِ سنڌي ٻوليءَ صرف عربي اکرن جي بنياد تي لکي سگهبي، ڇو جو ان تي سنڌيءَ جي حوالي سان جيڪو ڪم ٿيڻو هو، سو اڃا ٿائين ٿي نہ سگهيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان جيڪي ادارا قائم ٿيل آهن ۽ سنڌ جي يونيورسٽين ۽ پوسٽ گريجوئيٽ ڪاليجن ۾ سنڌي پڙهائڻ جا مختلف انسٽيٽيوٽ يا شعبا بہ قائم ڪيل آهن انهن کي ٻن اهم مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو، هڪ يوني ڪوڊ ۾ ١٨٤٣ع واري الفابيٽ جي اکرن جي مقرر صورتن کي داخل ڪرائڻ ۽ ٻيو IPA جي معياري سرشتي کي تيار ڪري استعمال ۾ آڻڻ. ڇو جو سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل انهن ٻن شين تي مدار رکي ٿو. IPA جي حوالي سان هن وقت تائين ڪو بہ اهڙو ڪم سامهون نہ اچي سگهيو آهي، جنهن جي بنياد تي يڪسانيت قائم ڪري ٻوليءَ جي لغتن ۽ انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ تي ڪم شروع ڪري سگهجي. سنڌي ٻوليءَ جي معياري IPA فونيٽڪ سرشتي سان معياري لغت سازيءَ، صورتخطي ۽ صوتيات جا مسئلا بہ پاڻمرادو حل ٿي ويندا ۽ اهم ڳالهہ تہ بي علمي جي طوفان کان بہ ٻوليءَ کي بچائي سگهبو. سنڌي ٻوليءَ جي OCR فونيٽڪس واري طريقي سان ئي ٿهندي، پر جيئن ذڪر ٿي چڪو تہ اڃا اهڙو ڪو بہ گڏيل ڪم شروع نہ ٿي سگهيو آهي، جنهن ۾ سنڌي صوتيات ۽ انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ جي ماهرن گڏجي ڪا شروعات ڪئي هجي.

هن ڏس ۾ ائين سمجهڻ گهرجي ته جيڪڏهن منزل (OCR) تي پهچڻ لاءِ هڪ سو قدم درڪار آهن ته، هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي OCR ڏانهن صرف پندرنهن وکون مس کڄي سگهيون آهن. اها ئي ڳالهه ’جرنل آف انڊيپيڊنٽ اسٽڊيز ائنڊ ريسرچ‘ (JISR) ۾ ١٦ سال اڳ محمد آصف خواجا ۽ ڊاڪٽر نجمي. جي. حيدر پنهنجي مقالي ۾ لکي هئي. هو لکن ٿا ته:

“Despite its importance, Sindhi Language is still lacking robust implementations in the field of information technology especially in the area of speech recognition. The implementation of Sindhi Language in information technology can be pursued in three major areas of Optical Character Recognition (OCR) for reading, fonts and text editors for writing and speech recognition for speaking and listening.”(15)

(ان جي اهميت جي باوجود سنڌي ٻولي انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ جي ميدان ۾، خاص ڪري ’آوازي سڃاڻپ‘ (Sound Recognition) جي حوالي سان سگهاري نفاذ ۾ اڃا ڪافي پوئتي آهي، OCR جي ٽن وڏين حدن لاءِ سنڌي ٻوليءَ کي انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ ۾ داخل ڪرڻ جو ڪم ڪري سگهجي ٿو، جنهن ۾ پڙهڻ، فانٽس، لکت ۽ آوازي سڃاڻپ لاءِ ٽيڪسٽ ايڊيٽرز اچي وڃن ٿا، ان سان ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جا لوازمات پڻ پورا ٿيندا.)

جيڪڏهن ڪو ٿورو گهڻو ڪم ٿيو آهي ته اهو به انفرادي طور، جنهن ۾ فانٽس ۽ ٽيڪسٽ ايڊيٽر ڊولپمينٽ اچي وڃي ٿو، اها به خوش قسمتي چئبي جو عربيءَ جي ڪري سنڌيءَ کي ٽريو ٽائيپ (True Type) ۽ يونيڪوڊ ڪريڪٽر سيٽس جي مدد ملي وئي، پر اُها سنڌي الفابيٽ جي بنيادن تي جڙيل نه آهي، اُها عربي اکرن جي بنياد تي جڙيل آهي. ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ انهن پنجن اکرن ’جهہ‘، ’گههہ‘، ’هہ‘، ’ڪ‘ ۽ ’ک‘ کي شامل ڪرائي، سنڌيءَ جي الڳ حيثيت بحال ڪرائجي. ٻي صورت ۾ مجبورن اهو معذور سرشتو قائم رهندو، جنهن مان مڪمل سنڌي OCR جو ٺهڻ هڪ خواب ئي رهندو.

## چا ڪرڻ گهرجي؟

اکرن ۽ اُچارن جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ عربي اسڪرپٽ ۾ لکجندڙ دنيا جي اهڙي ٻولي آهي، جنهن جا وڌ ۾ وڌ اکر (Characters) آهن، هن ٻوليءَ ۾ انفرادي آوازي خاصيتون به صدين کان موجود آهن، انگريزيءَ ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ کي عربيءَ جو





’سپرسيٽ‘ چئجي ٿو، پر ان جي اڃا تائين گهربل IPA ان انداز سان جڙي نه سگهي آهي، جنهن ۾ سنڌيءَ جي سڀني لهجن کي سموئي ڪو هڪ سرشتو جوڙي سگهجي. ان تي اڃا بهتر ڪم ان صورت ۾ ٿي سگهي ٿو، جڏهن اعليٰ معيار جا سنڌي فونيٽڪس ۽ فونيمڪس جا جدا جدا ماهر هڪ مڪمل لئنگئيج لئبارٽريءَ ۾ ويهي ڪم ڪن، جنهن ۾ آوازن جي باريڪ تفاوتن کي معلوم ڪري سگهجي ۽ انهيءَ آوازي تحقيق کان پوءِ فونيٽڪس الفابيٽ جوڙي Speech Recognition Characters بابت تجربا ڪجن ۽ انهن تجربن جي بنياد تي، سنڌي ٻوليءَ کي ان معيار تي آڻي بيهاري سگهي ٿو، جيڪو هن وقت گهربل آهي. انفرميشن ٽيڪنالاجيءَ ۾ هاڻ ڪي بورڊ جو ڪردار محدود ٿيندو ويندو. مستقبل ۾ ماڻهو ڳالهائيندو ويندو ۽ اهو اسڪرين تي لکبو ويندو، پر اهو هر ٻوليءَ لاءِ نه هوندو، صرف انهن ٻولين لاءِ اها سهولت هوندي، جيڪي پنهنجي حيثيت يونيڪوڊ ۾ مقرر ڪرائي چڪيون هونديون. جڏهن ڪمپيوٽر جو دماغ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن کي سمجهي نه سگهندو ته ان کي لکي ڪيئن سگهندو؟ ۽ ٻڌندڙ کي اچار ڪيئن ٻڌائي سگهندو؟

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر اياز ڪيرئي، عبدالمالڪ عباسي، ڊاڪٽر سرمد حسين، محمد آصف خواجا ۽ ٻين اهڙن ماهرن کان مدد وٺي سگهجي ٿي، جيڪي انهيءَ ڪم ۾ مهارت رکن ٿا، هتي مثال طور ڪن صاحبن جا نالا ذڪر ڪيا ويا آهن، ٻيا به اهڙا محنتي ماڻهو ضرور هوندا جن کان مدد وٺي سگهجي ٿي.

آخر ۾ مختصر نتيجو اهو آيو ته ڪا به ٻولي پنهنجي اصل (Native) لاءِ اوپري نه هوندي آهي. مادري زبان (Native) وارو هٿ ٺوڪيا لفظ ڪڏهن به نه پڙهندو ۽ نه اچاريندو؟ زندگيءَ جي مختلف شعبن خاص ڪري اشاعتي ۽ ميڊيا جي ادارن يا يونيورسٽين ۾ ڪڏهن ڪو اهڙو ماڻهو ڪنهن وٽ لنگهي آيو آهي ڇا؟، توڙي جو هن وقت عام سنڌي پڙهندڙ ’جهہ‘ ۽ ’گههہ‘ جي اصل مقرر ٿيل صورت کي ليکي ۾ نٿو آڻي، پر پوءِ به هو عربي ملفوظي ’هہ‘ نه هئڻ جي ڪري، ’جهرڪي‘ کي ج+هہ+ر+ڪي ڪري نه اچاريندو. لسانياتي اصولن مطابق اهي مسئلا (Second Language) ٻي ٻولي طور سکندڙ فردن کي پيش اچي سگهن ٿا، جن جو حل جديد لغتن جي جوڙڻ ۾ آهي. اِها ڳالهه ضرور سمجهڻ گهرجي ته علم صوتيات هڪ فطري علم آهي، انسان انهيءَ

علم کي لکت ۾ گهڻو پوءِ آندو آهي. هن علم جو واسطو ’علم بدن‘ سان آهي، انساني تخليق ان قسم جي ٿيل آهي، جو هو پنهنجن ڳالهائڻ وارن عضون کي مختلف حرڪتون ڏئي الڳ الڳ معنيٰ ۽ مطلب وارا آواز ڪڍي سگهي ٿو ۽ ايئن ’ٻوليءَ‘ جو سرشتو جوڙي ٿو، انهن آوازن کي شڪليون (Characters) بعد ۾ ڏنيون ويون آهن ۽ ايئن مختلف ٻولين جون صورتخطيون ٿيون آهن. مختصر اهو ته علم صوتيات، علم صورتخطيءَ جو پابند نه آهي، پر علم صورتخطي، علم صوتيات جي طابع آهي.

## حوالا


۱. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ۲۰۱۷ع، ’سنڌي صوتيات‘ ڇاپو ٽيون، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص: ۱۵.

۲. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ۲۰۱۷ع، ’سنڌي صوتيات‘ ڇاپو ٽيون، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص: ۴۱.

۳. ڪنيار، شبير، ۲۰۱۸ع، مقالو ”سنڌي لکت ۾ ڪمپوزيشن ۾ وسرڳن جي واهپي جا عيب ۽ انهن جو حل“، ڇهه ماهي: ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جنرل، جلد يارهون، شمارو پهريون، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص: ۱۹.

4. George Stack, Captain, 2011, “A Grammar of the Sindhi Language”, Second Edition, Hyderabad, Sindhi Language Authority, Page, 13.

۵. الانا غلام علي ڊاڪٽر ۲۰۱۷. ’سنڌي صوتيات‘ ڇاپو ٽيون، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص: ۸۹.

۶. جوکيو، الطاف حسين، ۲۰۰۸ع، مقالو: ’سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرڳن (Aspirates) جي حقيقت‘ ’سنڌي ٻولي‘ تحقيقي جنرل، جلد پهريون، شمارو پهريون، حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ص: ۴۲.

۷. ساڳيو، ص: ۴۷.

۸. ساڳيو، ص: ۴۷.

۹. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ۲۰۱۷ع، ’سنڌي صوتيات‘، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

۱۰. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ۲۰۱۷ع، ’سنڌي صوتيات‘، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو







بااختيار ادارو، ص: ۱۰۵.

۱۱. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ۲۰۱۷ع، ’سنڌي صوتيات‘، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص: ۹۱.

12. http://www.webdesignerdepot.com/2010/01/the-history-of-the-ampersand-and-showcase

۱۳. جتوئي، علي نواز، پروفيسر، ۲۰۱۸ع، ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘ ٽيون ڇاپو، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص: ۱۸۴.

14. http://jisr.szabist.edu.pk /JISR-C/Publication/2004/2/2/040702AcousticAnalysis

15. Ibd/ jisr-szabist.edu.pk.